## سوال نمبر : 07

## جواب :

### تعارف :

انساني زندگي مختلف
واقعن ۽ منظرن کي ڏسي ڪري گذاريندي
آهي. انهن واقعن کي جيڪڏهن
ڪير نثري انداز ۾ لکڻ جي ڪوشش
ڪري ته ان تحرير کي افسانو چئي
سگهجي ٿو. افساني جون ڪيتريون ئي
خوبيون هونديون آهن جنهن ۾
ڪجهه هي ۽ آهن. افساني کي زندگي
جو ترجمان چئجي يا وقت جو آئينو
ته به غلط نه هوندو. هي هڪ نثري تحرير
هوندي آهي جنهن جو ڪردار هڪ
حقيقي ماڻهو هوندو آهي. افساني
۾ فني سطح جي لحاظ کان ڪافي دورن
۾ جدت ايندي رهي آهي جن ۾
اوائلي دور ، شروعاتي دور ۽ ٻيون
دور، ٽيون دور ۽ موجوده دور
يا هاڻوڪو دور موجود آهي.

# افساني جي ارتقا:

افساني فرانس ۾ جنم ورتو جتهن کي فرانس ۾ "بالزڪ" چيو آهي. جديد افسانو فرينچ روليوشن کان پوءِ شروع ٿيو. افسانو اٽلي فرانس ۾ گهڻو پڙهيو ويو. افسانو اهڙي صنف آهي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ ۽ وڌ ۾ وڌ ڪلاڪ ۾ پڙهي سگهجي.

# افسانی جي تحريري معنيٰ:

آمريڪي افسانہ نگار
ايڊگرالين پو چوي ٿو ته
”نثر جي اهڙي
ننڍي ڪهاڻي يا ننڍڙو قصو
جنهن کي هڪ ئي وقت ۾ پڙهي
پورو ڪجي ۽ اها هڪ تاثر
چڏي ان کي افسانو چئبو آهي“

افساني بابت پريمچند جو اهو چوڻ آهي ته ”زندگيءَ جي ڪنهن به رخ ۾ جوڙيل ڪي افسانو چئبو آهي؟

## افساني جون فني خوبيون

افساني جون فني خوبيون جيتريون بيان ڪجن اوتريون ئي گهٽ آهن ڇو ته افسانو هڪ شاندار تحرير آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سهڻائپ ۾ چار چنڊ لڳائي ٿو. افساني جون ڪجهه خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون.

### 1- وقت جو آئينو:

افسانو وقت جو آئينو هوندو آهي. جيڪو ڪجهه به موجوده دور ۾ هلندو يا ٿيندو آهي افسانه نگار ان شيءِ کي افسانو بنائي پنهنجو افسانو لکندا آهن.

### 2- زندگيءَ جو ترجمان:

افسانو زندگيءَ جو ترجمان هوندو آهي. حقيقي زندگيءَ جا حقيقي واقعا افساني جي ذريعي بيان ڪيا ويندا آهن.

### 3- افساني جو مرڪزي خيال:

افساني جو مرڪزي خيال هڪ هوندو آهي. ٻيا ننڍا ننڍا ڪافي ٿي سگهن ٿا. ~~افسا~~

## 4- افساني جو ڪردار:

افساني جو ڪردار ڪو حقيقي ماڻهو هوندو آهي. جيڪو حيات هجي، ۽ ڪو عام ماڻهو هجي.

## 5- مڪالمي ۾ رنگ پريندڙ:

افسانو مڪالمي ۾ حقيقي رنگ پريندو آهي. محل ۽ موقعي کي نظر ۾ رکي ڪري رنگ پرڻ ۾ افساني جي خوبي آهي.

## 6- عمل ۽ ڪردار ۾ توازن:

افسانو عمل ۽ ڪردار ۾ توازن رکيل تحرير هوندي آهي. پڙهي ۾ هڪ توازن رکيل هوندو آهي.

## 7- ڳنڍيل جز:

افساني جا جز ڳنڍيل هوندا آهن. هڪ جملو ٻئي جملي سان لڳايل هوندو آهي. پڙهي ڪري ائين محسوس ٿيندو آهي جيئن هڪ شي محل ۾ ٽڪيو ويو هجي.

## 8- ڪردارن کي بيان ڪندڙ:

ڪٿهن دور جا ڪردار ڪٿهن کي افساني ۾ هلي سگهن ٿا. جو ته هر دور جا افسانا ان دور جي ڪردارن کي بيان ڪندا آهن.

جي لحاظ
# سنڌي افساني ۾ فني سنڌا کان ۾ آيل جدت.

## اوائلي دور: (1849 - 1914)

هي دور افساني جو اوائلي دور آهي. هن دور جا افسانا اخلاقي آکاڻين وارا هيا. جنهن کان پوءِ رومانوي افسانا لکيا ويا. انهن ۾ پنهنجي زميندار جي ڳالهه ۾ سنڌالورو ۽ ڪڏالورو ۽ وتهين ولين جي ڳالهه خاص طور تي اهميت رکن ٿا.

## شروعاتي دور: (1914 - 1923)

هن دور کي پهريون دؤر سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن هن دور کي تعميري دور چئو وڃي ته هن جو غلط نه هوندو. هن دور ۾ ڪتاب لکڻ شروع ٿيا. ڪيترا ئي افسانا ترانسليٽ ٿيا. هن دور ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي ٺهي جنهن جا ٽي (3) مضمون هيا سماجي ۽ تاريخي ۽ رومانوي.
هن دور ۾ ڪيترن ئي زبانن ۾ افسانا لکيا ويا جهڙوڪ انگريزي ۽ هندي ۽ اردو بنگالي ۽ مراٺي ۽ گجراتي. انهن سڀني زبانن جي افسانن کي سنڌي ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو. هن دور جا مشهور افسانا هيٺ ڏجن ٿا.
شريف بيگم (مرزا قليچ بيگ) ۽ ديوان ڪيولرام جا سوڪڙيون ۽ گل ۽ ڪوڙيمل جا پارمڙيون ۽ آکاڻيون جديد افساني جا

ارتقائي افسانه آهن -

## ٻيون دور : (1923 - 1940)

هن دور ۾ هندو افسانه نگار مشهور رهيا- افسانن جي موضوعن ۾ سماج جي تعمير ۽ سڌارو جذباتي، دل وندرائڻ ۽ اخلاقي افسانه مشهور رهيا- هي دور پهرين مهاڀاري لڙائي وارو دور هيو- هن دور ۾ هندي، بنگالي گجراتي، مراٺي ۽ ٻين هندوستاني ٻولين جا ترجمعا سنڌي ادب ۾ ڪيا ويا- انڪري هن دور کي افسانن جو ترجماتي دور سڏيو وڃي ٿو- هن دور جا مشهور افسانه نگار جيٺ آڏواڻي، گوبند مالهي، هيرا ٺڪر، لطف الله بدوي، عثمان انصاري آهن- هن دور جو مرزا قليچ بيگ جو شاهه بيگ افسانو شاهڪار آهي- هن دور ۾ تنقيد نگاري تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو ۽ اصلاحي افسانه به لکيا ويا- هارين جي بابت انقلابي افسانه نه لکيا ويا جنهن ۾ حيدر بخش جتوئي جو مشهور آهي-

## ٽيون دور : (1940 - 1947)

هي دور هندوستان جي ورهاڱي وارو دور آهي- هن دور ۾ عالمي نظرين جهڙوڪ سوشلزم (Socialism) ۽ ڪميونزم (Communism) تي ڪم ٿيو- هن دور جي افسانن جا موضوع سياسي، سماجي، اخلاقي، هندو مسلم اتحاد، شاهوڪارن جي ڏاڍ

۽ عزيز جي بدحالي ۽ اقتصادي ۽ معاشي ڦرلٽ ظاهر ٿيا. هن دور جا مشهور افساني نگار شيخ عبدالستار، گوبند مالهي، رام امر لال، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز ۽ محمد خان غني نمايان آهن. هن دور جو مشهور افسانو سفيد وحشي آهي جيڪو شيخ اياز لکيو.

## موجوده دور :-

هن دور ۾ ڪيترائي افساني نگار لاڏاڻو ڪري ويا جنهن جي ڪري ادبي حلقي ۾ ويراني اچي وئي. هن دور ۾ جيڪي افسانا مشهور ٿيا انهن ۾ پريه ڦٽي، ڄاءِ ٻنگلو، گل ۽ ٻلڙيون مشهور آهن. هن دور جا مشهور افسانه نگار هي سڀ آيا جن ۾ تا. نسيم کرل، سراج الحق، رشيد ڀٽي، امر جليل، ع ق شيخ ۽ خيرالنساء جعفري جا نالا مشهور آهن. هن دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جا ڪلاس هليا، تنقيد نگاري به ٿي. شيخ اياز افساني ۾ نئون رنگ رکيو. نه صرف مرد پر عورت به طبع آزمائي ڪئي. هي دور پختگي وارو دور سڏبو آهي

## نتيجو :-

افساني نگاريءَ ۾ جديد ترقي ٿي آهي. اوائلي دور کان جديد دور تائين نظر ڦيرائجي ته انسان کي اندازو ٿي ويندو ته افساني ۾ فني سطح جي لحاظ کان اڄ جيت ڪافي ترقي ڪندڙ رهي آهي. افسانو پاڻ

ڪيترن ئي خوبين جو ذخيرو آهي جنهن
سنڌ ۾ پوري کي تمام گهڻي ترقي ڏني -

# سوال نمبر : 08

## جواب :

(الف)

As rain is related to season likewise tears are connected to feelings. Rain is seasonal or unseasonal, one can easily differentiate in it. However, the eyes shedding ~~te~~ water can not be determined so easily. Because human being is surrounded with so many difficulties at a time. If tears would ~~had~~ ~~the~~ have the colour sheds of emotions, feelings and ~~atrocities~~ sufferings, the eyes would have shed the colourful tears.

(ب)

اڄ موڪلي احساس ٿيو ته آئون هڪ
خوني آهيان، مون پنهنجي تخليق ~~جو~~ کي
ماريو آهي- آئون هڪ ~~حيوان~~ وحشي درندو آهيان
جنهن پنهنجي معصوم جذباتن کي
دٻائي ڇڏيو آهي- آئون ~~اهڙو~~ غيبات آهيان
جنهن هڪ خوبصورت مخلوق ~~جو~~ ~~قتل ڪيو~~
~~آهي~~ - کي ذابح ڪيو آهي اهوئي ان جي وجود
۾ اچڻ کان اڳ. اڄ آئون پنهنجي اندر لڪيل
هڪ فنڪار (آرٽسٽ) مان مليس جيڪو
گهڻي وقت کان منهنجي اندر وسيل هيو

جڏهن کي مون پاڻ دٻائي رکيو يا وري بيڪار
سمجهيو. آئون هڪ سٺو گلوڪار، شاعر
يا ڪهاڻيڪار ٿي سگهيس جيڪڏهن
مون پنهنجي دل کي آزادي ڏني هجي ها
يا پنهنجي مَنَ جو آواز ٻڌو هجي ها.
آئون پنهنجي پاڻ کان ئي لڪندو رهيس.
پر خوشقسمتي سان مونکي توهان
"Women in the 21st Century" ڪتاب جي
ملي جڏهن جلوت ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيم.
مونکي توهان جي لکائي تمام پسند آئي.
ان کان پوءِ مون پنهنجي پاڻ کي هڪ وقت
حيران ۽ پريشان محسوس ڪيو جو ته
مون ۾ به اها قابليت هئي پر مون
ڪڏهن به پنهنجي دل کي اهو ڪرڻ جي اجازت
نه ڏني. توهان ۽ توهان جي ڪم منهنجي
تمام گهڻي حوصله افزائي ڪئي آهي ۽
~~[illegible]~~ مونکي پنهنجي اندر جهاتي ڪڻ
جي لاءِ اکيون کولي ڇڏيون آهن.